

# حلمِ مُصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

دعوتِ اسلامي جي تحت هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع
۾ ٿيڻ وارو سُنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# حِلمِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، دانائي غُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد مشڪبار آهي: جنهن مون تي سَو ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهيو، الله تعاليٰ ان جي ٻنهي اکين جي درميان لِکي ڇڏيندو آهي تہ هي نفاق ۽ جهنّم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.

(مَجْمَعُ الزَّوَائِد، ج۱۰،ص۲۵۳ ،حديث ۱۷۲۹۸)

باغِ جنّت میں محمد مُسکراتے جائیں گے
پھول رَحمت کے جھڑیں گے ہم اُٹھاتے جائیں گے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! — صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله, تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

آئون بہ نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة**



www.dawateislami.net

النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دوران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان مان هر هڪ دُنيا ۽ آخِرت جي ڀلائي ۽ ڪاميابي جو خواهش مند آهي. ان جي لاءِ اسان کي هر مُعاملي ۾ پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۽ پيروي ڪرڻي پوندي، ڇو جو سَرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَقْوال و اَفْعال، اَخْلاق و عادات ۽ تمام صِفتون اسان جي لاءِ باعثِ نَجات آهن. اڄ اسان حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ پاڪيزه صِفَت ”حِلْم“ جي باري ۾ ٻُڌنداسين، ”حلم ڇاکي چوندا آهن؟ ان جي تعريف ڇا آهي؟ ان جي ڇا اهميت آهي؟“ اهو بہ ٻُڌنداسين، اچو تہ! سڀ کان پهريان حِلمِ مُصْطَفٰي جي مُتَعَلِّق هِڪ ايمان اَفروز حِڪايت ٻُڌون ٿا:



www.dawateislami.net

## هڪ اعرابي جو واقعو:

اُمُّ الْمُؤمنين، حضرتِ سَيدَتُنا عائشه صِدّيقه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا کان رِوايت آهي ته هڪ ڀيري نبي پاڪ، صاحبِ لَوۡلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪنهن اَعرابي کان هڪ وَسَق (ڇهه مَڻ ٽيهه (30) سير کجورن) جي بدلي ۾ هڪ اُٺ خريد ڪيو. کجور ڏيڻ جي لاءِ ڪاشانهء اَقدس تي اچي ڪري جڏهن کجورون تلاش ڪيون ته نه مليون. سَرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان اَعرابيءَ وٽ واپس ويا ۽ اِرۡشاد فرمايو: عبدُالله! اسان توکان هڪ وَسَق کجورن جي بدلي اُٺ خريد ڪيو هو، پر تلاش جي باوُجُود اسان کي کجورون نه ملي سگهيون. هي ٻُڌندي ئي اهو اَعرابي زور زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو: هائي ڌوڪو! هائي ڌوڪو! شمعِ رِسالت جا پروانه، صحابهء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جن جڏهن هي ماجرو ڏٺو ته اَعرابيءَ کي مارڻ جي لاءِ ڊوڙيا ۽ ان کي چيائون: تون رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ اهڙي ڳالهه ڪرين ٿو؟ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرۡشاد فرمايو: ان کي ڇڏي ڏيو! ڇو ته حق دار کي گُفتگوءَ جو حق حاصل هوندو آهي. نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻه (2) ٽي (3) ڀيرا ائين فرمايو، پر سمجهائڻ جي باوُجُود جڏهن اهو نه مڃو ته حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ صَحابيءَ کي حڪم ڏنو ته خوله بنتِ حڪيم وٽ وڃي ڪري ان کي چئو ته جيڪڏهن توهان وٽ کجورن جو هڪ وَسَق هجي تو اسان کي ڏيو! اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان واپس ڪري ڇڏينداسين، اهي صَحابي حضرت خَوله بنتِ حڪيم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا وٽ ويا ۽ ان کي چيائون ته رَسُوۡلُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو آهي ته جيڪڏهن توهان وٽ هڪ وَسَق کجورون مَوجُود آهن ته ڏيو، اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان کي واپس ڪيون



www.dawateislami.net

وينديون. تہ انهن چيو مون وٽ ڪجورون مَوۡجُود آهن، توهان ڪنهن کي موڪلي ڪري گهُرائي ونو. سرڪارِ دو عالَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ان اَعرابي کي وٺي وڃو ۽ جيتريون ڪجورون ان جون ٽين ٽيون ان کي ڏيو! اهو اَعرابي جڏهن ڪجورون وٺي ڪري واپس آيو تہ نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي درميان تشريف فرما هئا. ان عرض ڪيو: جَزاکَ اللّٰهُ خَيراً، (اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان کي جزاءِ خَير ڏئي) توهان پورو حصّو وڏي بهترين طريقي سان عطا فرمائي ڇڏيو. نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرۡشاد فرمايو: ماڻهن مان بهترين اهي آهن جيڪي بهترين طريقي سان پُورو حصّو ڏيندا آهن. (سبل الهدى والرشاد:۷/۲۰)

خُلقِ عظیم سے مجھے حصہ عطا کرو!
بے جا ہنسی کی خصلتِ بد کو نکال دو

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تجارت ۾ دِيانت اَپنايو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ! سرڪارِمدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيتري قَدر عَفۡو و دَرۡگُزر فرمائڻ وارا ۽ نهايت شفيق ۽ بُردبار هئا. سيني جي سامهون سودي کان انڪار ڪرڻ جو اِلۡزام لڳائڻ واري کان بدلي وٺڻ جي طاقت ۽ قُدرت جي باوُجُود مُعاف فرمائي ڪري حُسنِ اَخلاق جو مُظاهَرو فرمايو. ان رِوايت مان اسان کي بہ هي دَرۡس مليو تہ دَورانِ تِجارت خريد و فروخت ڪرڻ وَقۡت حِلۡم، برداشت، سچائي ۽ دِيانت داري سان ڪم وٺڻ گهرجي. سودو وڪڻڻ واري يا خريد ڪرڻ واري مان ڪو بہ جيڪڏهن



www.dawateislami.net

تڪليف ڏيڻ واري ڳالهه ڪري تہ آخِرت جي لاءِ نيڪين جو ذُخيرو (جمع) ڪندي صَبُر سان ڪم وٺڻ گهرجي. جوابي ڪاروائي ڪرڻ سان لڙائي جهڳڙو ٿيڻ يا وري پاڻ ۾ نَفْرتن جو سبب بہ بڻجي سگهي ٿو. بَدڪلامي، دل آزاري ۽ اِلْزام تَراشيءَ وارا جُملا چوڻ جي صُورت ۾ ڪبيره گُناهن ۾ مبتلا ٿيڻ جو بہ انديشو آهي. تنهنڪري اسان مان هر هڪ کي گهرجي تہ اهڙي مَوقعن تي غُصّي ۾ اچڻ، دل جلائيندڙ نگاهن سان ٻين کي ڏيجارڻ ۽ ڳالهه مان ڳالهوڙو ڪرڻ جي بجائي صَبُر جو مُظاهَرو ڪندي پاڻ بہ گُناهن کان بچون ۽ ٻين کي بہ بچائڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ هر هڪ سان حُسنِ اَخْلاق سان پيش اچون جو ان جون وڏيون برڪتون آهن.

حضرتِ سَيدُنا ابُوثَعْلَبَہ خُشَنِي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، روفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”بيشڪ توهان مان مون کي سڀ کان وڌيڪ محبوب ۽ آخرت ۾ سڀ کان وڌيڪ منهنجي قريب اهو شخص هوندو، جيڪو توهان مان بهترين اَخْلاق وارو هوندو ۽ توهان مان مون کي سڀ کان وڌيڪ ناپسند ۽ آخرت ۾ مون کان گهڻو پري اهو شخص هوندو، جيڪو توهان مان بَدترين اَخْلاق وارو هوندو.“ (المسند للامام احمد بن حنبل، رقم ١٧٧٤٧، ج٦، ص ٢٢٠)

حضرتِ سَيدُنا ابُوهُرَيره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسولِ اڪرم، نُورِ مُجسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ”منهنجي ويجهو توهان مان سڀ کان زِياده پسنديده ماڻهون اُهي آهن، جيڪي توهان مان بهترين اَخْلاق وارا، نَرم دِل، ماڻهن سان مَحَبَّت ڪرڻ وارا آهن ۽ جن سان ماڻهون مَحَبَّت ڪندا هجن ۽ توهان مان منهنجي ويجهو سڀ کان ناپسنديده ماڻهون اهي چُغُل خور آهن، جيڪي دوستن جي دَرميان نفرتون (جُدائي) وجهن ۽ پاڪ دامن



www.dawateislami.net

ماڻهن ۾ عيب ڳولهين.“ (مجمع الزوائد، كتاب الادب ، باب ماجاء فى حسن الخلق، رقم ١٢٦٦٨، ج٨، ص ٤٧)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حُسنِ اَخلاق جون علامتون:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته حُسنِ اَخلاق اَپنائڻ جون ڪهڙيون برڪتون آهن جو اهڙو شخص دُنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب هوندو آهي، جڏهن ته بدتميزي ۽ بد اخلاقيءَ جو مُظاهرو ڪرڻ واري ڪي ڪو پسند ناهي ڪندو، دُنيا ۾ به ماڻهون اُن ڪي بُرو سمجهندا آهن ۽ آخرت ۾ به ذِلّت ۽ رُسوائي ان جو مُقَدَّر بڻجي سگهي ٿي. امام غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه حُسنِ اَخۡلاق جي علامتن ڪي نَقُل ڪندي فرمائن ٿا: حُسنِ اَخلاق جو پيڪر اهو آهي، جيڪو وڌيڪ حَيا وارو، ڪنهن ڪي اَذِيت نه ڏيڻ وارو، نيڪ اَعمال ڪرڻ وارو، سچ ڳالهائڻ وارو، گهٽ گُفتگو ڪرڻ وارو، گهٽي عمل جو عادي، لَغزِشَن کان وَس آهر بچندڙ ۽ فُضُول گُفتگوءَ کان پرهيز ڪرڻ وارو هجي، نيڪ، پُروقار، صابِر، رِضاءِ الٰهي تي راضي، شڪر گُذار، بُردبار، نَرم طبيعت، پاڪدامن ۽ شفيق هجي، لعنت ڪرڻ وارو، گاريون ڏيڻ وارو، غيبت ڪرڻ وارو، جلدباز، ڪينو رکندڙ، بخيل ۽ حاسد نه هجي بلڪ هَشّاش بَشّاش رهندو هجي، الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر مَحَبَّت ۽ بُغض رکڻ وارو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر ئي ڪنهن سان راضي ۽ ناراض هئڻ وارو هجي. (احياء العلوم ،ج٣،ص٨٦) تنهنڪري اسان ڪي پاڻ به بُرن فعلن ۽ بُري اخلاق کان بچڻ گهرجي ۽ پنهنجي مسلمان ڀائرن جي خيرخواهي ڪندي انهن ڪي به چڱي اخلاق ۽ عُمده صِفتون اپنائڻ جي ترغيب ڏيندي رهڻ گهرجي. حُسنِ اخلاق جي فضيلتن ۽ برڪتن جي باري ۾ مزيد ڄاڻڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي اِشاعَتي اداري مكتبةُ المدينه جي



www.dawateislami.net

مَطبُوعه 99 صَفحن تي مُشتمِل كتاب بَنام ”حُسنِ اخلاق“ جو مُطالَعو بي حَد مُفِيد آهي. ان كتاب جي مُطالَعي جي بركت سان حُسنِ اَخلاق جا رنگ برنگي، مهكندڙ مهكندڙ مدني گُل چُوندڻ جي سعادت حاصل ٿيندي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، **دعوتِ اسلامي** جي ويب سائٽ www.dawateislami.net كان اِن كتاب كي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ كري سگهجي ٿو.

اس کو مولیٰ تُو گناہوں سے بچانا ہر گھڑی
اس کو باأخلاق با کِردار نیک انساں بنا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اَخْلاقِ حَسنہ جي ان عظيم بُلندين تي فائز آهن جو خُود الله عَزَّوَجَلَّ قرآنِ كريم ۾ سَركار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُسنِ اَخْلاق جي مُتعلّق اِرشاد فرمايو:

وَ اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ۝۴

تَرجَمَو كنز الايمان: ۽ بيشڪ تون نهايت عظيم اخلاق جو مالڪ آهين.

(سيپاري:۲۹، القلم:۴)

تاجدارِ كائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: بُعِثْتُ لِاُتَمِّمَ مَكَارِمَ الْاَخْلَاق، يعني مون كي چڱي اَخْلاق جي تكميل جي لاءِ مَبعُوث كيو ويو آهي. (نوادر الاصول للحكيم الترمذی، ۲/۱۱۰۷،حديث:۱۴۲۵) تہ جن جي بِعْثَت (موكلڻ) جو مَقْصد ئي چڱا اَخْلاق سيكارڻ هجي، تہ خُود انهن جي اَخْلاقِ عظيم جو عالَم ڇا هوندو.



www.dawateislami.net

## حِلم جي تعريف ۽ ان جا اَهميت:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه اَوْصاف (خوبين) مان هڪ پياري صِفَت ”حلم“ بہ آهي. حلم جي معنيٰ آهي: پنهنجي طبيعت مان غُصّي کي ضبط ڪرڻ. (حاشيو سيرتِ رسولِ عربي:٢٩٣) يعني غُصّو اچي تہ ان کي پي وڃڻ کي ”حلم“ چيو ويندو آهي. ياد رکو! غُصّو اِنساني فطرت ۾ شامل آهي، هي هڪ غير اِختياري اَمر آهي، ان ۾ اسان جو ڪو قُصُور ناهي. پر غُصّي مان بي قابُو ٿي وڃڻ بُرو فعل آهي. تنهنڪري جڏهن بہ غُصّو اچي تہ حلم جو مُظاهَرو ڪندي ان کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. غُصّو پيئڻ ۽ بُردباري اِختيار ڪرڻ جا بي شُمار فضائل آهن. انهي متعلق بہ (2) **فرامينِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻُڌو.

(1) توهان مان سڀ کان وڌيڪ طاقتور اهو آهي، جيڪو غُصّي جي وَقت پاڻ تي قابُو رکي ۽ سڀ کان وڌيڪ بُردبار اهو آهي جيڪو طاقت جي باوُجُود مُعاف ڪري ڇڏي. (كنزالعمال، كتاب الاخلاق، الباب الثانى فى الاخلاق والافعال المذمومة، ٣/ ٢٠٧، حديث :٧٦٩٤)

(2) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي اَڏو عزّت ۽ بُزرگي چاهيو. ”صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن عرض ڪيو: ”اهو ڪيئن؟“ اِرْشاد فرمايائون: ”جيڪو توهان سان قَطع تعلُّقي ڪري، ان سان صِلَہء رِحمي ڪريو، جيڪو توهان کي محروم ڪري، ان کي عَطا ڪريو ۽ جيڪو توهان سان جَهالت سان پيش اچي، توهان ان سان بُردباري اِختيار ڪريو.“ (موسوعةالامام ابن ابى الدنيا ، كتاب الحلم،٢/ ٢٢، حديث :٤)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ احاديثِ مُبارڪہ ۾ حِلم ۽ بُردباري اِختيار ڪرڻ جي ڪيتري قدر ترغيب ڏياري وئي آهي. اسان کي گهرجي تہ



www.dawateislami.net

اسان بہ ان سُنّي صِفَت کي اَپنائڻ جي ڪوشش ڪريون، شروعات ۾ مُشڪل ضَرور ٿينديون، پر سچي لگن ۽ ڪوشش سان تمام ڪم آسان ٿي ويندا جيئن تہ **فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ”علم سکڻ سان ايندو آهي، تَحَمُّل مِزاجي تڪليفون برداشت ڪرڻ سان پيدا ٿيندي آهي ۽ جيڪو ڀلائي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، ان کي ڀلائي ڏني ويندي آهي ۽ جيڪو شَر کان بچڻ چاهيندو آهي، اُن کي بچايو ويندو آهي.“ (تاريخِ مدينه دمشق،١٨/ ٩٩)

ان حديثِ پاڪ جي ان حصي ”**تَحَمُّل مِزاجي تڪليفون برداشت ڪرڻ سان** پيدا ٿيندي آهي“ تي غور فرمايو ۽ نيّت ڪريو تہ اسان بہ پنهنجي اندر برداشت جي صفت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ

**تاجدارِ حرم، نبي مڪرم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **حِلم** ۽ بُردباري ۽ نَرم دِلي ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ آهن. **رَبُّ الْعٰلَمِين** عَزَّوَجَلَّ اوهان جي نَرم دِليءَ جي تعريف ڪندي سيپاري 4 سُوره آلِ عمران جي آيت159 ۾ اِرشاد فرمائي ٿو:

فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ ۠
(سيپاري:۴، آل عمران:١٥٩)

**تَرجَمَو ڪنز الايمان:** پوءِ ڪهڙي نہ الله جي مهرباني آهي جو اي محبوب توهان انهن لاءِ نرم ٿيو ۽ جيڪڏهن توهان سخت مزاج ۽ سخت دل هجو ها تہ هو ضرور توهان وٽان ٽڙي پکڙي وڃن ها.

**حضرتِ سَيدُنا عبدُالله بن عَمرو** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا: مون رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صِفتن کي پهريان ڪتابن ۾ ڏٺو آهي، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ تنگ مِزاج آهن ۽ نہ ئي سخت دل، نہ بازارن ۾ شور ڪرڻ وارا ۽ نہ ئي بُرائي جو بدلو بُرائي سان ڏيڻ وارا آهن، بلڪ مُعاف ڪرڻ وارا ۽ دَرگُزر فرمائڻ وارا آهن. (تفسير ابنِ ڪثير:٢/١٣٠)



www.dawateislami.net

## حلمِ مُصطفٰي جو هڪ بهترين واقعو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نبيِ رَحمت، شفيعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حِلۡم ۽ عَفۡوَ يعني اَذِيت برداشت ڪندي مُجرمن کي قُدرت جي باوُجُود بغير اِنتقام جي ڇڏي ڏيڻ ۽ مُعاف ڪري ڇڏڻ واري عادتِ مُبارَڪ جي اهڙي عظيم شاهڪار آهن جنهن جي مثال پوري دُنيا ۾ نٿي ملي. جيئن تہ جڏهن سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دعوتِ اسلام جي لاءِ "طائف" جو سفر فرمايو تہ حضرت سَيدُنا زيد بن حارثہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ بہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ هيا. طائف ۾ وڏا وڏا امير ۽ مالدار ماڻهون رهندا هئا. انهن رئيسن ۾ "عَمۡرو" جو خاندان تمام قبيلن جو سردار شُمار ڪيو ويندو هو. هي ماڻهون ٽي (3) ڀائر هئا. عبدياليل. مسعود. حبيب. حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ٽنهي وٽ تشريف کڻي ويا ۽ اِسۡلام جي دعوت ڏني. انهن ٽنهي اسلام قبول نہ ڪيو بلڪ اِنتهائي بيهوده ۽ گُستاخيءَ وارو جواب ڏنو. ان بَدنصيبن انهي تي بس نہ ڪيو بلڪ طائف جي شريرن کي حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بُرو سُلُوڪ ڪرڻ تي اُڀاريو. جيئن تہ ان شريرن سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هر طرف کان حملو ڪري ڇڏيو ۽ اوهان تي پٿر وَسايا، ايستائين جو پاڻ جو جسمِ نازنين زخمن کان لهو لهان ٿي ويو. نَعۡلينِ مُبارڪ خُون سان ڀرجي وئي. جڏهن سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زَخۡمن کان بي تاب ٿي ڪري ويهي ٿي رهيا تہ هي ظالِم اِنۡتهائي بي دَرۡديءَ سان اوهان جي ٻانهن کان پڪڙي ڪري بيهاريو ٿي ۽ جڏهن اوهان هليا ٿي تہ وري اوهان تي پٿرن جي بارش ٿي ڪيائون ۽ گڏوگڏ طَعۡنہ زَني ڪندي، گاريون ڏيندي، تاڙيون وڄائيندي، کِلي رهيا هئا.



www.dawateislami.net

حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ يجي يجي كري حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي كِرندڙ پٿرن جي آڏو پاڻ پنهنجو بدن پيش كري رهيا هئا ۽ حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم كي بچائي رهيا هئا، ايستائين جو اهي بہ رَتو رت ٿي ويا ۽ زَخمن جي سبب بي هوش ٿي ويا. ايستائين جو سَركار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اَنگور جي هڪ باغ ۾ پناهہ ورتي.

(المواهب اللدنيہ ، هجرتہ صلى اللّٰہ عليہ وسلم، ج۱،ص۱۳۷،۱۳۶)

حق کی راہ میں پتھر کھائے خوں میں نہائے طائف میں
دِین کا کتنی محنت سے کام آپ نے اے سلطان کیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جنگ اُحد كان بہ سخت ڏينهن

ان سفر جي طويل عرصي كان بعد هڪ ڀيري اُمُّ الْمُومِنِين حضرت سَيِدَتُنا عَائِشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جن حُضُور اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم كان پڇا كئي تہ يارَسُولَ الله! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا جنگِ اُحد جي ڏينهن كان بہ وڌيڪ سخت كو ڏينهن توهان تي گذريو آهي؟ تہ سَركار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ ها اي عَائِشہ! رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا! اهو ڏينهن منهنجي لاءِ جنگ ِاُحد جي ڏينهن كان بہ وڌيڪ سخت هو، جڏهن آئون طائف ۾ اُتي جي هڪ سردار ”اِبْنِ عَبْدِ ياليل“ كي اسلام جي دعوت ڏني. ان دعوتِ اسلام كي حقارت سان ٺڪرائي ڇڏيو ۽ اهلِ طائف مون تي پٿراؤ كيو. مون ان رنج ۽ غم ۾ سرجهكائي هلندو رهيس، ايستائين جو مقام ”قَرْنُ الثَّعالِب“ ۾ پهچي كري مون كي هوش و حواس آيو. اُتي پهچي كري جڏهن مون مٿو



www.dawateislami.net

ڪنيو تہ ڇا تو ڏسان تہ هڪ ڪڪر جي ڇانءِ مون تي ڇانئو ڪيل آهي، ان ڪڪر مان حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جن مون کي آواز ڏنو ۽ چيو تہ الله تَعاليٰ توهان جي قوم جو قول ۽ ان جو جواب ٻُڌي ورتو ۽ هاڻي توهان جي خدمت ۾ پهاڙن جو فرشتو حاضر آهي تہ جيئن اهو توهان جي حڪم جي تعميل ڪري . حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بيان آهي تہ پهاڙن جو فرشتو مون کي سلام عرض ڪرڻ لڳو تہ اي محمد! (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جيڪڏهن توهان چاهيو تا تہ آئون ”اَخْشَبَين“ (ابو قُبَيس ۽ قُعَيقِعان) ٻنهي پهاڙن کي ان ڪافرن تي اونڌو ڪري ڇڏيان تي آئون ائين ڪري ٿو ڇڏيان. هي ٻُڌي ڪري حضور رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جواب ڏنو تہ نہ، بلڪ آئون اميد ڪريان ٿو تہ الله تعاليٰ انهن جي نسلن مان پنهنجي اهڙن ٻانهن کي پيدا فرمائيندو، جيڪي صرف الله تعاليٰ جي ئي عبادت ڪندا ۽ شرڪ نہ ڪندا.

(صحيح البخارى ، كتاب بدء الخلق، باب اذا قال احدكم أمين...الخ، الحديث:٣٢٣١، ج٢، ص٣٨٦)

## وڃو! توهان سڀ آزاد آهيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ ايتري بُري سلوڪ ڪرڻ جي باوجود، سرڪارِ دوعالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نہ انهن کان بدلو ورتوءِ نہ ئي بد دُعا ڪئي. ائين تہ حُضُور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پُوري حَياتِ طيبه اهڙي طرح حِلَم ۽ ڪرم جي عظيمُ الشَّان واقعن سان سينگاريل آهي. پر فتحِ مڪہ جي موقعي تي جنهن ڪمالِ حلم ۽ شَفَّقت جو مُظاهَرو فرمايو، ان جي مثال ملڻ ناممڪن آهي. مَنَقول آهي تہ جنهن ڏينهن مڪو شريف فتح ٿيو ۽ ڪفر ۽ شيطان پنهنجي چيلن سميت ذَليل ۽ خُوار ٿيو، تڏهن حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اَهلِ مڪہ کان پُڇا ڪيائون: اي قُريش! توهان جو ڇا خيال آهي،



www.dawateislami.net

آئون توهان سان ڪهڙو سُلُوڪ ڪرڻ وارو آهيان؟ اُنهن عرض ڪيو: نَظُنُّ خَيْرًا ،يعني اسان حُضُور کان خير جي ئي تَوقُّع رکون ٿا، نَبِيٌّ كَرِيْمٌ وَ اَخٌ كَرِيْمٌ وَ ابْنُ اَخٍ كَرِيْمٍ وَ قَدْ قُدِرْتَ، جو جو اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪريم نبي آهيو، ڪريمُ النَّفْس ڀائر آهيو ۽ اسان جي ڪريم ۽ مهربان ڀاءُ جا فرزند آهيو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي اسان تي قُدرت عطا فرمائي آهي، تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرْشاد فرمايو: اڄ آئون توهان کي اها ئي ڳالهہ چوان ٿو، جيڪا منهنجي ڀاءُ يوسف پنهنجي ڀائرن جي باري ۾ چئي هئي (پوءِ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي آيتِ مُبارڪ تلاوت فرمائي)

لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ؕ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ ۫ وَ هُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۹۲﴾

تَرجَمَو ڪنز الايمان: اڄ توهان تي ڪا ملامت نہ آهي الله توهان کي مُعاف ڪري ۽ اهو سمورن مهربانن کان وڌيڪ مهربان آهي. (پ۱۳،يوسف۹۲)) (۽ فرمايو:) وڃو توهان سڀ آزاد آهيو.

(سبل الهدي والرشاد، ۲۴۲/۵)

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! ڇا شان آهي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو! جو جن ماڻهن سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ظُلم ۽ سِتَم جا پهاڙ ٽوڙيا، دِين جي تبليغ جي وَقت الڳ الڳ طريقن سان ستايو ويو، ايستائين جو آباڻي وطن ڇڏڻ تي مجبور ڪيو، ان تي بس نہ ڪئي بلڪ هجرت کان پوءِ بہ سڪونَ سان رهڻ نہ ڏنو ۽ پوءِ فتح مڪ جي ڏينهن جڏهن رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن جانثار انهن ڪافرن تي غالب اچي ويا، تہ انهن کان بدلو وٺڻ جي بجائي نبي رحمت، شفيعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪمالِ حلم ۽ شفقت فرمائيندي انهن کي مُعاف ڪري ڇڏيو.



www.dawateislami.net

جان کے دشمن خون کے پیاسوں کو بھی شہرِ مکہ میں
عام معافی تم نے عطا کی کتنا بڑا احسان کیا

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حلمِ مصطفٰي جا ڪجھ واقعا!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جو مُعامَلو تہ ھي آھي تہ پاڻ ۾ ننڍن ننڍن اِختِلافن کي پوري زِندگي جو مسئلو بڻائي ڇڏيندا آھيون ۽ صُلح جي ڪا گنجائش بہ نہ ڇڏيندا آھيون. اسان جي آقا، مڪي مَدَني مُصۡطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معمول ھو تہ اھي ڪڏھن بہ پنھنجي ذات جي لاءِ اِنتِقام نہ وٺندا ھئا. اچو تہ! پنھنجي ڪردار کي سُنَّتِ نَبَوي جو آئيني دار بنائڻ جي لاءِ حُضُور نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حِلم ۽ ڪرم جي مُتَعَلِّق چار (4) واقعا ٻُڌون ٿا. جيئن تہ

1. ھڪ سفر ۾ نبيِّ مُعَظَّم، رَسُولِ مُحتَرَم، سَراپَا جُود و ڪَرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آرام فرمائي رھيا ھئا تہ غورَث بِن حارِث پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي شَھِيد ڪرڻ جي ارادي سان پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تلوار مِياڻ (يعني نِيام) مان ڪڍي ورتي، جڏھن سَرڪارِ نَامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ننڊ مان اٿيا تہ غورَث چوڻ لڳو: تہ "اي مُحَمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! ھاڻي اوھان (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي مون کان ڪير بَچائي سگھندو؟ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: تہ "اللّٰه" نُبُوَّت جي ھَيبَت کان تَلوار ان جي ھٿن مان ڪِري پئي ۽ سَرڪارِ عالي وَقار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تَلوار ھَٿ مُبارڪ ۾ کڻي ارشاد فرمايائون: تہ



www.dawateislami.net

هاٽي توکي منهنجي هٿان ڪير بچائڻ وارو آهي ؟ غُورَث التجا ڪندي چوڻ لڳو تہ ”اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي منهنجي جان بچايو. رَحمتِ عالَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي ڇڏي ڏنو ۽ مُعاف فرمايو . ان کري غُورَث پنهنجي قوم ۾ اچي چوڻ لڳو تہ ”اي اِنسانو! مان هڪ اهڙي شخص وٽان اَچان ٿو جيڪو دنيا جي سڀني اِنسانن ۾ سڀ کان بهتر آهي .“ (الشّفا:١/ ١٠٧،از غيبت جون تباھ ڪاريون)

سو بار تِرا ديکھ کر عفو اور تَرَحُّم
ہر باغی و سرکش کا سر آخر کو جُھکا ہے

2. حضرت سَيِّدُنا اَنس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو بيان آهي تہ مان نبيِّ ڪريم رؤفٌ رّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ساڻ گڏ هئس ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هڪ نَجراني چادر ويڙهيل (يعني پاتل) هئي، جنهن جا پاسا ٿُلها ۽ کُردُرا هئا، هڪدم هڪ بَدوِي (يعني عرب شريف جي ڳوٺاٽي) پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چادر مبارڪ کي پڪڙي ايترو زور سان ڇڪيو، جو سُلطانِ مدينہ راحت قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪنڌ مبارڪ تي چادر جي ڪنارن سان نشان پئجي ويا، اهو چوڻ لڳو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو جيڪو مال اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ آهي، اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حڪم فرمايو تہ ان مان مونکي ڪجھ ملي، رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ڏانهن مُتوَجّھ ٿيا ۽ مُسڪرائڻ لڳا، پوءِ ان کي ڪجھ مال عطا فرمائڻ جو حڪم ڏنو.

(صَحيح بُخارى، ج:٢،ص :٣٥٩،حديث:٣١٤٩، از غيبت جون تباھ ڪاريون)

3. رسولِ اڪرم،نورِ مُجَسَّم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي لَبِيد بن اَعْصَم جادو ڪيو تہ رحمتِ عالَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جو



www.dawateislami.net

بدلو (پلاند) نہ ورتو ۽ پڻ ان غير مسلمہ عورت کي بہ مُعاف فرمايو جنھن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي زھر ڏنو ھو.

(اَلْمَواهِبُ اللَّدُنِّيَّة لِلْقَسْطَلاَنِي ،ج:٢،ص:٩١، از غيبت جون تباھ ڪاريون)

4. غَزوه اُحد ۾ جڏھن مديني جي سلطان، رَحمتِ عالَميان، سَروَرِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڏندن مُبارڪن کي شَھِيد ۽ نوراني چھري مبارڪ کي زخمي ڪيو ويو، پر پاڻ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ڪانسواءِ ڪجھ بہ نہ فرمايو تہ اَللّٰھُمَّ اھْدِ قَوْمِي فَاِنَّھُم لَايَعلَمُون. يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ منھنجي قوم کي ھدايت ڏئي ڇوتہ اھي ماڻھو مونکي نہ ٿا سڃاڻن.

(الشّفا:١٠٥/١ ملتقطا،از غيبت جون تباھ ڪاريون بتغير)

مجھ پہ چشمِ شفا کیجئے
دُور بارِ گنہ کیجئے
قلب پتھر سے بھی سخت ہے
اس کو نرمی عطا کیجئے

## آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ظلم جو بدلو نہ وٺندا ھئا:

اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ھر ھڪ سان شَفقَت ۽ مَحَبَّت سان پيش ايندا ھئا. ڪڏھن بہ پنھنجي ذات جي لاءِ غُصّو نہ فرمايو، پر جَڏھن شَرعي حُدُود کي ٽوڙيو ويندو ھو ۽ اَحڪامِ خُداوَندي کان منھن موڙيو ويندو ھو تہ پيشاني اقدس تي جَلال جا آثار نُمايان ٿي ويندا ھئا. جيئن تہ

اُمُّ الْمُؤمِنِين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ طَيبَہ طاھِره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون ڪڏھن بہ رسولِ اَڪرم، شاھِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنھنجي ذات تي ڪيل ظُلَم جو بدلو وٺندي نہ ڏٺو، جيستائين الله عَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

جي مُقرر ڪيل حَدُن کي نہ ٽوڙيو وڃي ۽ جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي مقرر ڪيل حَدُن مان ڪنهن حَد کي ٽوڙيو ويندو هو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شَدِيد غضبناڪ ٿي ويندا هئا.

(الشمائل المحمدية للترمذى ، باب ماجاء فى خلق رسول اللّٰه صلى اللّٰه عليه وسلم،ص ١٩٨، حديث:٣٣٢)

اُمُّ الۡمُؤۡمِنِين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا فرمائن ٿيون: قُرَيش جي خاندان بني مَخۡزُوم جي هڪ عَورت چوري ڪئي تہ قُرَيش سوچ ويچار ڪرڻ لڳا تہ سَرورِ عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان ان جي سِفارِش ڪير ڪري؟ آخرڪار حضرت سيدُنا اُسامہ بن زيد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جو انتخاب ٿيو تہ هي حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا محبوب آهن، هي ڳالھ ڪري سگهن ٿا. حضرت اُسامہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن جڏهن سَرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ان عورت جي سِفارِش ڪئي تہ سَروَرِ عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرۡشاد فرمايو: ڇا تون الله عَزَّوَجَلَّ جي حُدُود ۾ سِفارِش ڪرين ٿو؟ پوءِ اُٿي بيٺا ۽ خُطۡبو ڏنائون: اي انسانو! توهان کان پهريان جا ماڻهون اِنهي لاءِ هلاڪ ٿيا جو اُن مان صاحبِ مَنصَب چوري ڪندو هو تہ ان کي ڇڏيو ويندو هو ۽ جيڪڏهن غريب چوري ڪندو هو تہ ان تي حَد قائم ڪئي ويندي هئي، خُدا جو قَسَم! جيڪڏهن فاطِمہ بنتِ محمد بہ چوري ڪري ها، تہ آئون ان جو (بہ) هٿ ڪٽي ڇڏيان ها. (مسلم ، کتاب الحدود، باب قطع السارق الشريف وغيره،،رقم الحديث١٦٨٨،ص٩٢٧)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ اسان جا پيارا آقا، بي حد شفيق ۽ مهربان آهن، پنهنجي دشمنن جي ظُلم وسِتَم تي بہ عَفۡو ودرگُزر سان ڪم وٺندا هئا، پر جڏهن حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون شَرِيعت جي خِلاف ورزي ڪئي ويندي هئي تہ چهرو مبارڪ پُرجَلال ٿي ويندو هو.



www.dawateislami.net

حُضُورِ پاڪ، صاحِبِ لَولاڪ، سَياحِ اَفلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عِبرت نِشان آهي: توهان مان ڪو جڏهن ڪنهن بُرائي کي ڏسي تہ اُن کي گهرجي تہ بُرائي کي پنهنجي هٿ سان بدلي ڇڏي ۽ جيڪو پنهنجي هٿ سان بدلڻ جي اِستِطاعت (يعني قوت) نہ رکي، اُن کي گهرجي تہ پنهنجي زَبان سان بدلي ڇڏي ۽ جيڪو پنهنجي زَبان سان بہ بدلڻ جي اِستِطاعت نہ رکي، ان کي گهرجي تہ پنهنجي دل ۾ بُرو ڄاڻي ۽ هيءَ ڪمزور ترين ايمان جي عَلامت آهي. (صَحيح مُسلِم ،ص٤٤ حديث٤٩)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي ضَمير ڪان سُوال ڪريو تہ ڪنهن کي گناه ڪندي ڏسي ڪري ڇا اسان دل ۾ بُرو ڄاڻيو؟ صد ڪروڙ افسوس! ٻارن جي ماءُ ڪاڏي پچائڻ ۾ دير ڪري ڇڏي، ڪاڏي ۾ لوڻ تيز ٿي وڃي، ٻار اسڪول جي موڪل ڪري وڃن تہ ضَرور ناگوار گذرندو، پر گهر وارن جون روزانو پنج نَمازون قَضا ٿي رهيون آهن تہ پيشاني تي گُنجهہ بہ نہ اچي، انهن کي سمجهائڻ جي ڪوشِش تائين نہ ڪئي وڃي، توهان پاڻ سوچيو! ڪو ميوزڪ وڄائي رهيو آهي، بي شڪ روڪڻ تي قُدرت ناهي، پر ڇا هي توهان جي دل ۾ کُٽڪو ٿي رهيو آهي؟ ڇا توهان اِن کي بُرو مَحسُوس ڪري رهيا آهيو؟ جي نہ، اِن لاءِ جو پاڻ پنهنجي موبائل ۾ بہ تہ ”مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ميوزيڪل ٽيون“ مَوجود آهي! بہ ماٺهو گليءَ ۾ گار گند ڪري رهيا آهن، بُرو لڳو؟ جي نہ، ڇو؟ اِن لاءِ جو ڪڏهن پنهنجي وات مان بہ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ گار گند نڪري ئي ويندي آهي. فلاڻي ڪوڙ ڳالهايو، توهان کي ناگوار گذريو؟ جي ها، ڇو؟ ان لاءِ جو منهنجو ذاتي نقصان ٿيو، باقي الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ بُرو ڪيئن لڳندو جو ماٺهو پاڻ پنهنجي زَبان سان بہ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

ڪُوڙ ڳالهائيندا رهندا آهن. هي مثالون صِرف چوٽ ڪرڻ جي لاءِ آهن، نہ تہ ڪيترن جي حالت هي آهي تہ پنهنجي فون ۾ ميوزيڪل ٽيون ناهي. گارگند ۽ ڪُوڙ جي عادت ناهي، پوءِ بہ ”دل ۾ بُرو چاٽڻ“ جو ذهن ناهي. جيڪڏهن رِضائي الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ حقيقي معنيٰ ۾ بُرائيءَ ڪي دل ۾ بُرو چاٽڻ جي سوچ بڻجي وڃي، ڪُڙهڻ جي عادت ٿي وڃي، تہ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ مُعاشَري ۾ اِصلاح جو دَور اچي ويندو. جڏهن اسان بُرائين ڪي دل سان بُرو سمجهڻ ۾ پاڻ پڪا ٿي ويندا سين تہ ٻين ڪي سمجهائڻ بہ شُرُوع ڪري ڇڏيندا سين ۽ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ هر طرف سنّتن جي مدني بهار اچي ويندي ۽ ”نيڪي جي دعوت“ جي ڌُوم مچي ويندي.

سُنّتوں کی کروں خوب خدمت ہر کسی کو دُوں نیکی کی دعوت
نیک میں بھی بنوں التجا ہے یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت ۽ مدني چينل:

اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سُنّت جي عالمگير غير سياسي ڪي تحريڪ **دعوتِ اسلامي**، نيڪي جي دعوت ڪي عام ڪرڻ، ماڻهن ڪي غفلت جي ننڊ کان بيدار ڪرڻ، گناهن ۽ گمراهين جي سيلاب کان بچائڻ، گهر گهر عشقِ رسول جي شمع ٻارڻ، **مرحبا يا مصطفيٰ** جي ڌُوم مچائڻ جي لاءِ 97 کان وڌيڪ شُعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، اِنهي مان هڪ اِنْتهائي اَهم شُعبو **مَدَني چينل** بہ آهي٭...**مَدَني چينل** تحفُّظِ عَقائدِ اسلام جو



www.dawateislami.net

علمبردار بڻجي ڪري خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطفيٰ جي شمع فروزان رکڻ جو پيغام نہ صرف گھر گھر پهچايو بلڪ ان جو سفر جاري آهي٭... **مَدَني چينل** بينَ الْاَقْوامي (International) سَطح تي اِسلام جي پيغام کي مُوثر ۽ دل نَشين اَنداز ۾ دُنيا جي ڪُندَ ڪُندَ تائين پهچائڻ جي لاءِ سرگرمِ عمل آهي، جتي ان جي بغير رَسائي ڪنهن حد تائين مُشڪل هئي٭... **مَدَني چينل** اهو واحد سو فيصدي اسلامي چينل آهي، جنهن تي عورت کي نتو ڏيکاريو وڃي، ان لحاظ کان ان کي هڪ آئيڊيل اِسلامڪ چينل چئي سگهجي ٿو٭... **مَدَني چينل** بي حَيائي ۽ فَحاشي ۽عُرياني جي فَضا ۾ بگڙيل اُمّتِ مُسلمہ جي اِصلاح جي لاءِ روشن آفتاب جو ڪردار اَدا ڪري رهيو آهي٭... **مَدَني چينل** تي عَقائد ۽ عبادات، اَخلاق، مُعاملات ۽ مُعاشرت جي مُتعلِّق مسائل کي اِنْتهائي اِحْتياط ۽ ذِمّہ داري سان گڏ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. توهان کي بہ مدني اِلتجا آهي تہ مدني چينل پاڻ بہ ڏسندا رهو، ٻين کي بہ ڏسڻ جي دعوت ڏيندا رهو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، تِلاوتِ قرآن ۽ نعتِ رسول جي مٺيون مٺيون آوازون ٻُڌڻ، فرض علوم تي مشتمل ڪثير علمِ دِين جو لازوال خزانو حاصل ڪرڻ، ڪيترن ئي جسماني ۽ روحاني بيمارين، پريشانين جو گهر ويٺي علاج حاصل ڪرڻ، هزارين سُنّتون سکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو جَذبو حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ فلمون، ڊراما، گانا باجا، بي پردگي وغيره گُناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ عشقِ رسول ۾ گُم رهڻ جو ذِهن بہ بڻجندو.

مدنی چینل کے سبب نیکی کی دعوت عام ہو
عام دُنیا بھر میں یاربّ دِین کا پیغام ہو



www.dawateislami.net

## نرمي اپنايو، فائدو حاصل ڪريو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان ڪنهن ڪي گناه ۾ مُبتَلا ڏسون تہ مُسَلمانن سان خَيرخواهي ۽ ان جي آخِرت جي ڀلائي جي خاطِر شَرِيعت جي خِلاف ورزي ڪرڻ تي ان جي اِصلاح ڪريون، جيڪڏهن سمجهائڻ سان فتني جو انديشو هجي تہ دل ۾ بُرو ضرور ڄاڻڻ گهرجي. جڏهن تہ ذاتي مُعاملن ۾ خلافِ مِزاج ڳالهين تي صَبر و تحمل ۽ عَفو و دَرگُزر سان ڪم وٺڻ گهرجي، ڪو ڪيترو ئي غُصّو ڏياري، اسانکي پنهنجي زَبان ۽ هٿن کي قابُو ۾ رکندي، رِضائي الٰهي جي خاطِر مُعاف ڪري ڇڏڻ گهرجي. ڇو جو جڏهن زَبان ٻي قابو تي ويندي آهي، تہ اڪثر ڪري نهيل نهڪيل ڪم بہ بگڙي ويندا آهن، انهي لاءِ ڪنهن سچ چيو آهي تہ

ہے فَلاح و کامرانی نَرمی و آسانی میں
ہر بنا کام بِگڑ جاتا ہے نادانی میں

ياد رکو! جيڪڏهن اسان ڪنهن جي غَلَطيءَ تي رِضائي اِلٰهي ۽ سُنين سُنين نيتن سان ان کان اِنتِقام وٺڻ ڇڏي ڏيون، تہ اسان جو مُعاشَرو اَمَن ۽ سُڪون جو گهوارو بڻجي وڃي ۽ فتني فَساد جا ناپاڪ جَراثِيم خُود بخُود ختم ٿي وڃن. بردباري ۽ نرم دلي، الله عَزَّوَجَلَّ کي پسند آهي، يقينًا جنهن کي هي عظيم دولت ملي وئي، اهو وڏو بخت وارو ۽ (خوش نصيب) آهي، نرمي ئي اِنسان جي زِينت آهي، هر وَقت بد مزاجي سان پيش اچڻ، هي تهذيب جي بہ خلاف آهي، با اَخلاق ۽ نرم مزاج شَخص سيني کي پيارو لڳندو آهي، جڏهن تہ سخت مِزاج ۽ سَخت دل شَخص کان ماڻهو پَري ڀڄندا آهن. اچو تہ نرمي اپنائڻ جي لاءِ 4 فرامينِ مُصطَفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سماعت ڪريون:



www.dawateislami.net

1. اِنَّ اللهَ رَفِيقٌ يُحِبُّ الرِّفْقَ يعني بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ رفيق آهي ۽ نرمي کي پسند فرمائيندو آهي، وَيُعْطِي عَلَى الرِّفْقِ مَا لَا يُعْطِي عَلَى الْعُنُفِ، ۽ نرمي تي اهو ڪجھ عطا فرمائيندو آهي، جيڪو سختي تي عطا نہ فرمائيندو آهي، وَمَا لَا يُعْطِي عَلَى مَا سِوَاهُ ۽ نرمي تي اهو ڪجھ عطا فرمائيندو آهي، جيڪو نرمي کان علاوه ڪنھن شي تي عطا نہ فرمائيندو آهي.“

(صحيح مسلم ،کتاب البر والصلة، باب فضل الرفق، الحديث:۲۵۹۳، ص۱۳۹۸)

2. اِنَّ الرِّفْقَ لَا يَكُونُ فِي شَيْءٍ اِلَّا زَانَهُ يعني جنھن شيءِ ۾ نرمي هوندي آهي، ان کي زينت بخشيندي آهي وَلَا يُنْزَعُ مِنْ شَيْءٍ اِلَّا شَانَهُ ۽ جنھن شيءِ مان نرمي نڪري ويندي آهي، ان کي عيب دار ڪري ڇڏيندي آهي.“

(صحيح مسلم ،کتاب البر والصلة،باب فضل الرفق، الحديث:۲۵۹۴،ص۱۳۹۸)

3. مَنْ يُحْرَمُ الرِّفْقَ يُحْرَمُ الْخَيْرَ يعني جيڪو نرمي کان محروم رهيو، اهو هر ڀلائي کان محروم رهيو.“ (صحيح مسلم ،کتاب البر والصلة،باب فضل الرفق، الحديث:۲۵۹۲،ص۱۳۹۸)

4. مَنْ اُعْطِيَ حَظَّهُ مِنَ الرِّفْقِ يعني جنھن کي نرمي مان حصو ڏنو ويو فَقَدْ اُعْطِيَ حَظَّهُ مِنْ خَيْرِ الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ ان کي دنيا ۽ آخرت جي چڱائي مان حصو ڏنو ويو.

(مسند احمد، رقم۲۵۳۱۴،ج۹، ص۵۰۴)

بنادو صبر و رِضا کا پیکر بنوں خُوش اَخلاق ایسا سرور
رہے سدا نرم ہی طبیعت نبیِّ رحمت شفیعِ اُمَّت

(وسائلِ بخشش، ص۲۰۸)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪجھ اهڙا بہ نادان هوندا آهن، جيڪي غصي کي بهادري، مردانگي، عزّتِ نفس ۽ بُلند همت قرار ڏيندا آهن، اهڙي سوچ رکڻ وارن کي نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حلم ۽ نرمي واري سُنَّت تي عمل ڪرڻ گهرجي، تہ نرميءَ جا بي شُمار فائدا آهن .

## سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي انفرادي ڪوشش!

مَروِي آهي تہ هڪ نَوجَوان، رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ حاضِر ٿيو ۽ عَرَض ڪرڻ لڳو: يا رَسُوْلَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي بَدڪاريءَ جي اجازَت ڏيو. هي ٻُڌندي ئي تمام صَحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جَلال ۾ اچي ويا ۽ ان کي مارڻ چاهيو. رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: ان کي نہ ماريو. پوءِ ان کي پنهنجي ويجهو گهُرائي ڪري ويهاريو ۽ نهايت نَرمي ۽ شَفقَت سان سُوال ڪيو: اي نَوجَوان! ڇا توکي پسند آهي تہ ڪو تنهنجي ماءُ سان اهڙو فعل ڪري؟ اُن (نوجوان) عَرَض ڪيو: آئون ان کي ڪيئن گوارا ڪري سگهان ٿو؟ سَرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: تہ پوءِ ٻيا ماڻهو تنهنجي باري ۾ اُن کي ڪيئن گوارا ڪري سگهن ٿا؟ پوءِ اوهان پڇا ڪيائون: تنهنجي ڌيءَ سان جيڪڏهن ڪو هن طرح ڪيو وڃي تہ تُون ان کي پَسَند ڪندين؟ عَرَض ڪيائين: نہ. اِرشاد فرمايائون: جيڪڏهن تنهنجي ڀيڻ سان ڪو اهڙي نامناسب حرڪت ڪري تہ؟ ۽ جيڪڏهن تنهنجي ماسيءَ سان ڪري تہ؟ اهڙي طرح پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ هڪ رِشتي جي باري ۾ سُوال فرمايو ۽ اهو هي چوندو رهيو تہ مون کي پسند ناهي ۽ ماڻهو بہ رضا مند ناهن. تڏهن رَسُوْلُ



www.dawateislami.net

الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي سيني تي هٿ رکي کري الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ عَرض کيو: يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! ان جي دِل کي پاڪ کري فرماءِ ان جي شَرم گاهه جي حفاظت فرما ۽ اِن جي گناهه بخشي ڇڏ. ان کان پوءِ اهو نَوجَوان پوري عُمَر بدڪاري کان بيزار رهيو. (مُسند امام احمد،ج۸،ص۲۸۵،رقم:ملخصا۲۲۲۷۴)

اِجابت نے جُھک کر گلے سے لگایا
بڑھی ناز سے جب دُعائے مُحمَّد
اِجابت کا سہرا عنایت کا جوڑا
دُلہن بن کے نِکلی دُعائے مُحمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪتري مَحَبَّت ۽ شَفقَت سان انفِرادي ڪوشِش فرمائي ۽ برائي کان روڪڻ جي لاءِ ڪهڙي پياري انداز ۾ ان نَوجوان جي اِصلاح فرمائي. تنهنڪري نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري کي حڪمتِ عملي اِختِيار ڪندي تحمل مِزاجيءَ جو مُظاهَرو ڪرڻ گهرجي ڇو جو ”نَرميءَ“ سان جيڪو ڪم ٿيندو آهي اهو ”گرميءَ“ سان ناهي ٿيندو ۽ مُبلِّغ کي ته ”ميڻ“ کان وڌيڪ نَرم ۽ بَرف کان وڌيڪ ٿڌورهڻ گهرجي، دڙڪا ڏيڻ ۽ چند پٽڻ سان ڪنهن جي اِصلاح مُشڪل سان ٿيندي آهي. اي ڪاش! اسان کي به هي تَوفِيق نَصِيب ٿي وڃي ته جڏهن ڪنهن کي گناهن ۾ مُبتَلا ڏسون، نَمازن ۾ ڪوتاهي ڪندي ڏسون، ڪُوڙ، غِيبت ۽ چُغلي، مُسَلمان جي دل آزاري وغيره گناهن ۾ مُلَوَّث ڏسون ته بَرپُٽ اُن تي بي جا تنقيد ڪرڻ ۽ اُن جي بُرائي ڪري پاڻ غيبت جي گهَري کاهي ۾ ٽِپو ڏيڻ جي بجائي، اُن کي گناهن جي دَلدَل مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪريون، نهايت نَرمي ۽ پيار سان اُن کي



www.dawateislami.net

سمجهائڻ ۽ ثوابِ آخِرت جا خزانا گڏ ڪرڻ وارا بڻجون. اسان خُلوصِ نيت سان ڪنهن کي سمجهائينداسين تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اِن جو فائدو ضَرور ٿيندو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پنهنجي اندر حِلۡم جو مادو پيدا ڪرڻ ۽ غُصّي ڪرڻ جي عادتِ بد کان جان ڇڏائڻ جي لاءِ ڪجھ طريقا ۽ عِلاج سَماعَت ڪريو ۽ ان تي عمل جي ڪوشش بہ ڪريو.

(1) سڀ کان پهريان الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ سچّي دِل سان گِڙگِڙائي ڪري دُعا ڪريو! ڇو جو تَوفِيقِ خُداوَندي جي بِغَير انسان ڪنهن بہ گُناھ کان بچڻ جي طاقت نٿو رکي.

(2) حِلۡم جي عادت اپنائڻ جي لاءِ ان جي فَضائِل تي مشتمل رِوايتون پڙهو ۽ بُزُرگانِ دِين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الۡمُبِين جي واقِعن جو مُطالَعو ڪريو.

(3) پنهنجي نَفۡس کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عَذاب کان ڊيڄاريو تہ مون کي جهڙي طرح ان شَخۡص تي قُدرَت حاصِل آهي ان کان وڌيڪ الله عَزَّوَجَلَّ کي مون تي قُدرَت آهي. جيڪڏهن مون ان تي پنهنجو غُصّو ڪڍي ڇڏي تہ آئون قِيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي غَضَب کان ڪيئن بچي سگهندس.

(4) اهڙي طرح غصي جي سبب ٿيڻ واري طِبّي نُقصانات تي غَور ڪريو، مثلاً اهري طرح صِحّت تي بُرو اثر پوندو آهي.

(5) ڪثرت سان تَوبھ ۽ اِستِغۡفار ڪريو جو ان جي بَرڪت سان بہ اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان عادت کان جان ڇڏائي سگھجي ٿي ۽ نفرت پيدا ٿيندي.



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان حِلَم ۽ بُردباري جي ان طريقن کي اِختِيار ڪرڻ، غصي تي قابو ڪرڻ، شَفقَت ۽ نَرمي اپنائڻ ۽ حُسنِ اَخلاق جو پَيڪر بنجڻ چاهيون ٿا تہ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃون، اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان دِين ۽ دنيا جون بي شُمار برڪتون حاصل ٿينديون.

عمل کا ہو جذبہ عطا یا اِلٰہی
گناہوں سے مجھ کو بچا یا اِلٰہی
ہو اَخلاق اچھا ہو کِردار سُتھرا
مجھے مُتّقی تُو بنا یا اِلٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صَبَر وتحمل ۽ بُردباري جي مُتَعلِّق پيارا پيارا واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. سَرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪو ڪيترو ئي تڪليف پهچائيندو هو، حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ پنهنجي ذات جي لاءِ غصو نہ فرمايو، ايستائين جو پنهنجي جاني دشمنن کي بہ معاف فرمائي ڇڏيندا هئا. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ سِر جو جواب پٿر سان ڏيڻ جي بجائي، پنهنجي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نقشِ قدم تي هلندي حِلم ۽ بُردباري جو مُظاهَرو ڪريون ۽ ڪنهن تي غُصّو اچي وڃڻ جي صُورَت ۾ ضبط سان ڪم وٺندي ان کي مُعاف ڪري ڇڏيون. اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

اسان کي پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ڪرڻ جي توفيق عطافرمائي.

اٰمِين بِجاهِ النَّبِيِ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻارنهن مَدَني ڪمن مان روزاني جوهڪ مَدَني ڪم "مسجد درس"-

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان به پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سُنتون اپنائڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي پياري مَدَني ماحول سان وابسته ٿي ڪري سُنَّتن جي خِدمت جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي تَحَت ذيلي حلقي جي ٻارنهن مَدَني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حِصّو وٺڻ وارا بڻجي وڃون. ذيلي حلقي جي ٻارنهن مَدَني ڪم، مُسلمانن کي نيڪي جي راهه تي گامزن ڪرڻ ۽ گناهن کان بچائڻ ۾ تمام گهڻا مُعاوِن آهن. ان ٻارنهن مَدَني ڪمن مان روزاني جو هڪ مَدَني ڪم "مسجِد دَرس" به آهي، اسان سڀ به "مسجِد دَرس" ۾ شِرڪت کي پنهنجو مَعمُول بڻايون ۽ جتي مسجِد دَرس نٿو ٿئي، اُتي اِنفرادي ڪوشش جي ذريعي مسجد درس جي ترڪيب ڪريون، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان جي بَرڪت سان ڪيترن ئي ماڻهن جي اِصلاح سان گڏوگڏ پنهنجي اِصلاح جو به سامان ٿيندو ۽ مسجِد دَرس ۾ علمِ دين جون ڳالهيون سکڻ جو ثواب به ملندو.

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو صُبح مسجِد ۾ نيڪي سکڻ يا سکارڻ جي لاءِ ويو، ان جي لاءِ مڪمل حج ڪرڻ واري جيان اجر



www.dawateislami.net

آهي. (الترغيب والترهيب ج۱ص ۵۹) ۽ جيڪو عِلم جي تلاش ۾ نڪتو اهو واپس موٽڻ تائين الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ آهي. (جامع الترمذی، ابواب العلم، باب فضل طلب العلم، الحديث: ۲۶۴۷، ص ۱۹۱۸)

اسان ڪي بہ گھرجي تہ مسجِد دَرس ۾ شِرڪت ڪريون ۽ ٻين ڪي بہ شِرڪت جي دعوت پيش ڪريون، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون بيشمار بَرڪتون حاصِل ٿينديون. اچو تہ! مسجد درس ۾ شرڪت جي ترغيب جي لاءِ هڪ مَدَني بهار سماعت ڪريون.

## مَعلُومات جو خَزانو

مدينة الاولياء (ملتان شريف) ۾ رهائشي اسلامي ڀاءُ پنهنجي سُڌرڻ جو واقِعو ڪجھ ائين بَيان ڪن ٿا تہ 1995ء ۾ آئون F.S.C جو طالب علم هئس. مذهبي مَعلُومات نہ هئڻ جي سبب منهنجي دوستي هڪ بدمذهب سان ٿي وئي، آئون ان سان گڏ ئي اٿندو ويهندو ۽ ڪائيندو پيئندو هئس. چوندا آهن تہ صُحبت اَثر رکندي آهي، تنهنڪري آئون بہ ان جي فاسِد عَقيدي جو شِڪار ٿيڻ لڳس. الله عَزَّوَجَلَّ ، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ڪي درازي عُمر بِالۡخَير عَطا فرمائي، جن **دعوتِ اسلامي** جي بنياد رکي ڪري امّتِ مُسلِمہ تي اِحسانِ عَظيم فرمايو ۽ بي شُمار ماڻھن ڪي بدمذهبن کان مَحفُوظ فرمايو، يقينًا جيڪڏهن دعوتِ اسلامي جو مَدَني ماحول نہ هجي ها تہ ان بَدمَذهَب جي دوستي اڄ مون ڪي گمراهي ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ها. مون تي الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم ٿي ويو جو ان دوست نما دشمن کان بچي ويس، سبب ڪجھ ائين ٿيو تہ اسان جي مسجِد ۾ **فيضانِ سنت** جو دَرس شُروع ٿي ويو، تہ هڪ ڏينهن منهنجي والد صاحِب فرمايو: تون بہ دَرس ۾ شِرڪت ڪندو ڪر



www.dawateislami.net

جو دَرَس ۾ ويهڻ جي بَرڪت سان نہ صرف مَعلُومات جو وڏو خَزانو حاصِل ٿيندو آهي بلڪ علمِ دين جي مجلِس ۾ ويهڻ جي عَظيم فضيلت حاصل ڪرڻ جي بہ سَعادت ملندي آهي. تنهنڪري مون دَرَس ۾ باقاعدگي سان ويهڻ شُروع ڪري ڇڏيو. واقعي دَرَس ۾ ويهڻ جي بَرڪت سان علمِ دين جي انمول موتِين سان دامن ڀرڻ جو سنهري موقعو مليو ۽ گڏوگڏ منهنجي دل ۽ دماغ کي اهڙو سڪون نصيب ٿيو جو مون وٽ بَيان ڪرڻ جي لاءِ الفاظ ناهن. **دَرسِ فيضانِ سنت** جي بَرڪت سان آئون دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري هفتيوار سنّتن ڀري اجتِماع ۾ شريڪ ٿي ويس. منهنجي لاءِ هي هڪ نئون ماحول هو، هر طرف علم ۽ عمل جي گُلن سان مهڪندڙ مهڪندڙ فضائون  مون کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. پُر سوز بيان ۽ رِقّت انگيز دُعا تہ منهنجي دل جي دنيا ئي زير و زبر ڪري ڇڏي، مون پنهنجي تمام گناهن کان پڪي تَوبھ ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي ويس، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **اميرِ اهلسنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان بَيعَت جي بہ سَعادت حاصِل ڪري چُڪو آهيان.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، **تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مِشْكَاةُ الْمَصابِيح ،ج١ ص٥٥ حديث ١٧٥ دارالكتب العلمية بيروت)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو تہ! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه



www.dawateislami.net

جي رسالي ”101 مدني گُل“ مان نِڇ ڏيڻ جي متعلق ڪجھ مَدَني گُل سماعت ڪريون:

## مَدَني گُل:

بہ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

﴿1﴾ الله عَزَّوَجَلَّ کي نِڇ پسند آهي ۽ اوباسي ناپسند. (بخاري ج 4 ص 163 حديث 6226) ﴿2﴾ جڏهن ڪنهن کي نڇ اچي ۽ اُهو اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چوي تہ ملائڪ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ چوندا آهن ۽ جيڪڏهن اُهو رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ چوندو آهي تہ ملائڪ چوندا آهن: الله عَزَّوَجَلَّ تو تي رحم فرمائي. (المعجم الکبير ج 11 ص 358 حديث 12284) ﴿3﴾ نِڇ جي وقت مٿو جهڪايو، منهن لڪايو، ۽ آواز آهستي ڪيو، نِڇ جو آواز بلند ڪرڻ بيوقوفي آهي. (ردالمحتار ج 9 ص 684) ﴿4﴾ نِڇ اچڻ وقت اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چوڻ گهرجي. (خزائن العرفان صفحي 3 تي طحطاوي جي حوالي سان نڇ اچڻ تي حمد الٰهي کي سنتِ مؤڪده لکيو آهي) بهتر اهو آهي تہ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ يا اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَالٍ چوي ﴿5﴾ ٻڌڻ واري تي واجب آهي تہ فورًا يَرۡحَمُكَ الله (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي) چوي ۽ ايتري آواز سان چوي جو نڇ ڏيڻ وارو پاڻ ٻڌي. (بهار شريعت، جلد 3 حصو 16، ص 476) ﴿6﴾ جواب ٻڌي نڇ ڏيڻ وارو چوي: ”يَغۡفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمۡ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي) يا هي چوي: ” يَهۡدِيۡكُمُ اللهُ وَ يُصۡلِحُ بَالَكُمۡ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هدايت ڏي ۽ توهان جو حال صحيح ڪري) (عالمگيري ج 5 ص 326) ﴿7﴾ جيڪو نڇ اچڻ تي اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَالٍ چوي ۽ پنهنجي زبان سيني ڏندن تي ڦيري ڇڏي تہ اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ڏندن جي بيمارين کان محفوظ رهندو. (مرأة المناجيح ج 6 ص 396)



www.dawateislami.net

﴿8﴾ حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: جيڪو نڇ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰی كُلّ حَال چوي ته اُهو ڏاڙهه ۽ ڪن جي بيماري ۾ ڪڏهن بہ مبتلا نہ ٿيندو. (مرقاة المفاتيح ج 8 ص 499 تحت الحديث 4739) ﴿9﴾ جواب اُن صورت ۾ واجب ٿيندو جڏهن نڇ ڏيڻ وارو اَلْحَمْدُلِلّٰه چوي ۽ جيڪڏهن حمد نہ ڪري تہ جواب ناهي. (بهار شريعت، جلد 3 ص 477) ﴿10﴾ ڪيئي اسلامي ڀائر موجود هجن تہ ڪجهہ حاضرين جواب ڏنو تہ سڀني جي پاران جواب ٿي ويو پر بهتر اهو آهي تہ سڀئي جواب ڏين. (ردالمحتار، ج 9 ص 684) ﴿11﴾ نماز ۾ نڇ اچي تہ سڪوت ڪري (يعني خاموش رهي) ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه چيائين تہ بہ نماز ۾ حرج ناهي ۽ جيڪڏهن اُن وقت حمد نہ ڪيائين تہ فارغ ٿي ڪري. (عالمگيري، ج 1 ص 98) ﴿12﴾ توهان نماز پڙهي رهيا آهيو ۽ ڪنهن کي نڇ آئي ۽ توهان جواب جي نيّت سان اَلْحَمْدُلِلّٰه چيو تہ توهان جي نماز ٽٽي ويندي.(عالَمگيری ج ۱ ص۹۸)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

ترے حبیب کی سُنَّت کی دُھوم مچ جائے
گلی گلی میں پھرے مدنی قافلہ یاربّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ته هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَه ڪرام رَضِيَاللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[5]

---

[3] ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[4] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[5] ...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[6]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[7]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[6] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[7] … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net